


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طارق عالم

# رات،
# سانت
# ۽
# سوچون

ڪهاڻيون

ملهه: -/7 رپيا


رابيل پبليڪيشن
پوسٽ باڪس نمبر ٦١، لاڙڪاڻو سنڌ



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سجاڳپ

(سنڌس وڏي سجاڳپ سنڌس ڪهاڻيون)

نانءُ: طارق عالم

جنم: ١٩٥٨ع

جنم ڀونءِ: قمبوعلي خان (ضلعو لاڙڪاڻو)

(۴ هاڻ سورنهن سالن کان ادبمن جي وسٽيءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ رهندڙ)

تعليم انٽر آرٽس، سچل ڪاليج مان، (هن وقت 'فائن آرٽس' ۾ آنرز پيو ڪري)

سنڌس پهرين ڪهاڻي "پاڻلي" جي سري هيٺ ماهوار 'تحريڪ' ۾ ١٩٧٨ع ڌاري ڇپي ٿي (ان کان پوءِ مسلسل لکندو پيو اچي) ڪراچي ٽيلويزن تان سنڌس ناٽڪ پڻ اچي چڪا آهن.

— نظام عباسي

soonhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ارپنا

### ماڻيڙي اوٺي جي ٿالي

جيڪو ٿر جي پٽ اورانگهي
پيار جا گيت آلاپيندو مرڪندو
ساڻيا جي ڳولا ۾ نڪتو ء—
(ڪروڙ) جي ڀاٽ اونداهن جهنگلن
۾ وڃائجي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڏاءُ

- پڇاڙي جي شروعات
(طارق عالم)
- من الحمد ڪان من اللحد تائين
(خيرالنساء جعفري)

پهلي ڏنڊ

آدم - سمنڊ - خوشبو

ٽڪنڊا - چوڪنڊا - دائرا

رات - سانت ۽ سوچون

پائلي

ٽريجڊي

پرندڙ وقت جا پل

هي ڪتاب نظام عباسيءَ رابيل پبليڪيشن پاران محمد عيسيٰ سومرو جي نگراني هيٺ، پرفيڪٽ پرنٽرس ۴۷۴ صدر حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. تعداد هڪ هزار
سال ۱۹۸۱ع (سنڌي ساهت سال) (حق ۽ واسطا قائم)

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پڄاڻيءَ جي شروعات

چاڻان ٿو ـــــــ

"اجائي تعريف، اهو مٺو زهر آهي. جنهن جي هاڃيڪار هجڻ جي ڪل مرڻ کان ڪي گهڙيون اڳ ڏي پوندي آهي."

(جڏهن سڀڪجهه ختم ٿيڻ وارو هوندو آهي) "مون لکيو آهي."

تمام گهڻو ٻه ٽه/ٽه ٽي تمام ٿورو!

"ها، مون ٻارنهن ڪهاڻيون، هڪ سال ۾ ٽه لکيون آهن. ٽه ٽي ٻارنهن سالن ۾ ٻارنهن ڪهاڻيون."

بهرحال مون لکيو آهي، هڪ نارمل رفتار ۾. جڏهن ته ڪنهن ڳالهه تان ٽمپريچر هاءِ ٿيو آهي!

هر ويرو لکڻ جو قائل ناهيان، ڇو ته مان لکڻ لاءِ لکندو ناهيان پر جيئڻ لاءِ لکندو آهيان!

لفظن جو سونهن: "مون لکيو ٿي تڏهن آهي جڏهن پاڻ کي جڳ جي هن وسيع سمونڊ ۾ ٻڏندي محسوس ڪيو هوندم"— (ڇو ته، بي موت مرڻ نٿو چاهيان.)

منهنجي هر ڪهاڻي، جڳ جي هن گوڙ ڀريل سمونڊ ۾ خاموشين سان ويڙهيل هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي مان ذري گهٽ اگهاڙو. اڃايل بکايل بيٺل آهيان
مهينن کان/سالن کان.

ڪنهن حفاظتي دستي جي انتظار ۾.
(جيڪو ڪڏهن به اچڻو ناهي)

”شايد انهيءَ ڪارڻ منهنجي اڪثر ڪهاڻين جي
ڪابه END ناهي.“

هونءَ منهنجي ذاتي راءِ آهي: ”ته ڪنهن به شيءِ
جي پڄاڻي نه هوندي آهي.“ ”پر هر پڄاڻي پنهنجي جاءِ
تي هڪ شروعات ٿي سگهي ٿي.“

۽ آئين اسٽائين جي ٿيوري مطابق ته:

Motter Can neither Created nor destroyed but Change in to the other form.

مادو ختم نٿو ٿئي پر ٻيءَ شيءِ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

مان سچائي جي سورج جي روشني ۾ فقط جيئڻ
نه چاهيو آهي. پر مون هميشه سچائي جي سورج کي
پنهنجن هٿن ۾ جڪڙڻ چاهيو آهي.

اها سڌ هوندي به، ته سورج سمونڊ جي اوڀر پار
کان اڀرندو آهي ۽ اولهه پار جي انڌين غفائن جي ڪال
ڪوٺڙيءَ ڏانهن هوريان هوريان گهلجي ويندو آهي.
(هميشه جيان)

ڪن پل لاءِ هلڪا ڳاڙها ۽ گهرا ڳاڙها رنگ وکيري.
پوءِ نڪري ايندي آهي هميشه وانگر اولهه پار جي
انڌين غفائن جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان ظلمتن جي

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاٽ انڌاري.

(سچ ۽ ڪوڙ جي جنگ جي به ته ڪا پڄاڻي ڪانهي اوسين، جيسين هيءَ ڪائنات آهي.)

”سچ کي پاڻ جي هام هڻڻ ائين آهي، جيئن انڌن جو ڪائنات جي رنگيني کي اکين سان پسي وٺڻ جو يقين ۾ نه ايندڙ اعلان.“ جڏهن اهو سڀ هميشه کان ئي اڻ مڪمل آهي ته پوءِ هيءُ ڪوڙ ۽ سچ جي وچ ۾ صدين جي ويڙهاند ڇالاءِ؟؟

”پر موت ته سدائين جيئڻ لاءِ لکيو آهي، نه ڪنهن هٿ ٺوڪيي نظرئي جي پرچار لاءِ. لفظ، پين ۽ ڪاغذ جڳ جي هن ڪوڙ پرپٺ سموند ۾، موت کي هميشه تباهه ٿي ويل جهاز جي تختن جو ڪم ڏيندا رهيا آهن جن کي ڇهڻي موت هميشه پاڻ کي ٻڏڻ کان بچايو آهي. پوءِ ڪنهن نه ڪنهن ننڍڙي خاموش پيٽ تي (ڪهاڻي ۾) پناهه ورتي اٿم ۽ نتيجي ۾ ٻڪ ۽ اڄ کان پاهه ٿيندي انتظار ڪيو اٿم. هفتا / مهينا / سال ڪنهن سيڪيورٽي فورس جو!

(جيڪو ڪڏهن به اڇو ناهي)

— طارق عالم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مَن الحمد کان اللحد تائين

طارق! جنهنجي آئون "ماءُ" نه آهيان.
طارق جي آءٌ (پيءُ) به ناهيان.

ها مان سندس دوست به ناهيان ايڏي جو سندس شخصيت تي ڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهان، سندس ڪهاڻين تي ڪو قلم کڻي سگهان، آئون ايڏي پارکو به ناهيان.

طارق ننڍڙي حُج هلائي مون کي پاڻ ۽ پنهنجي پڙهندڙن وچ ۾ ڪتاب جي هڏي بنايو آهي.

هڪ ننڍڙي ڳالهه: (شيعه هئڻ ناتي) محرم ۾ حشر واري ڏينهن ٻڌو اٿم مولائي مسواڙ تي پنڌ وارا گهرائي (حسين ع) کي روئندا آهن (هت طارق مونکي ڪائي مسواڙ ناهي ڏني هڪ ڪنگلو ٻي ڪنگلي کي ڇا ڏيئي سگهندو؟ بحرحال جستس ڪياني ءَ واري ڳالهه "حسين جي غم ۾ روئڻ وارن کي ثواب / روئائيندڙن کي ثواب ۽ جيڪي روئڻ واريون شڪليون ٺاهن انهن کي به ثواب!

رنو طارق آهي "قرت العين الحيدر" چوائي ته:
امام زين العابدين سڄي ڄمار روئيندو رهيو:
ان ڪري هن ڪتاب جا سمورا (قل) آئون طارق کي ٿي بخشيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روئاريندڙ آئون آهيان، سو ڪجهه (قلن) تي آئون پنهنجو به ڏي حق سمجهان. [جو شهيد حسين کي ايترو ناهن روئيندا جيترو زينب رضه کي.]

ٺ ها، هن مجلس ۾ پڙهندڙ به ثواب جا حقدار رهيا. جو هن روئڻ هاريون شڪليون ناهيون.

طارق بولڊ ڪهاڻيڪار آهي. مڃيو اٿم.

هو مون کان ڏهه دفعا دڏوس ڪهاڻيڪار آهي.

پر سندس دل اندر جو هو دادلو ٻارڙو (دڏوس) نه آهي. هو يتيمي انداز ۾ اجان ڪنهن Labour rooms ۾ پاڄي رهيو آهي. (هن جا مڙيئي قل انهن ٻـارڙن لاءِ جيڪي Labour rooms مـان نڪري نه سگهيا.)

قرت العين چيو آهي: ”زندگيءَ کان گهڻا سوال نه ڪريو.) علامه آءِ. آءِ. قاضي چيو آهي: ”پنهنجي ڍاڪ کي بند مٺ ۾ ڏي محفوظ سمجهيو جيئن ڏيٺو آهي تيئن ڏيندو نه ته، ٻي حالت ۾ ڏي نه سگهندو.“

علامه صاحب نهايت ڏي شريف طبع شخص هو. هو قدرت جي قصن کي قضين ۾ بدلجندو ڏسي درياهه ڏانهن ويو ۽ وري نه موٽيو. طارق جوان همت اديب آهي. هن ٻ درياهه ۾ گهوڙڻ بدران درياهه کي للڪارڻ جي سگهه آهي ـــ!

ٺ ها طارق ڏاڙيل به ناهي، ڏاڙيل تيئن جـي ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسانجي وڏڙن جي هن پروليءَ مان پرائي وٺ گهرجي.
نَر جي مٿان نَر، نُر ني ٿي ناري.
جي مڙي نهاربن، ته نر ناريءَ جي وات ۾!

بس ۾ چوڪرن جي ڪچهري. ڪچهري جو Clemjax اهي Lens يا عينڪون آهن جيڪي ٽن هزار رپين ۾ وڪامجن ٿيون. جن جي پائڻ سان ماڻهون ماڻهونءَ کي الف اگهاڙو ڏسي سگهي ٿو.

توبهه! توبهه!! ڪهڙو خراب زمانو آهي. ماڻهو ماڻهوءَ کي اگهاڙو ڏسي....؟!!

”پر يار — ملنديون ڪٿان اهي عينڪون؟“

”ٽي هزار ڪٿان ايندا.......؟؟“

........”ڌاڙو؟“

طارق ڌاڙيل نه ٿي سگهيو. هو اديب ٿي رهجي ويو. ادب ۾ به هاه گهوڙا ڪندو رهجي ويو.

درياهه توني دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي!

قيام جو ڏينهن ڪين بخار جي شدت!! منٽوءَ چوائي:
”ادب وقت جو ٽمپريچر آهي.“ طارق ان ٽمپريچر کي شدت جو رنگ ڏيئي چڙ لال بتي جي Casuelity کي للڪار ڏيئي رهيو آهي. Casuelity جو غم آهي يا طارق جو الم آهي.

طارق پنهنجن ڪهاڻين جي آڌار تي ڪيترن جاين تي ڊائزاپام ۽ مينڊريڪس جي نشاندهي ڪندي ننڊ جا ڏياپا

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

ڏيئي هڪ جهٽڪي سان فورن حالي موالين جي هٿان سگريٽن تائين ڦريو وئي.

اهو سنڌس جيون جي پر نڪاتي پروگرام ۾ طبيعت جو توازن آهي ڪين سنڌس شدت جي حقيقت شناسي. جو ڪيس خبر آهي ته جيڪي Patent دوائون هو Afford نه ڪري سگهندو. آهي بيماريون به هو هرگز نه پاليندو......

عمر جي جنهن حصي ۾ سنڌس پير آهي ان پٽاندر هو نظرياتي لحاظ کان بيحد جذباتي آهي. ايتريقدر جو مان ڀانيان ٿي ته ڪا ڇوڪري جڏهن سنڌس درد کي سمجهي پنهنجي ننڊ بچائڻ لاءِ ٻه گوريون (ڊائزاپام) وٺي ته طارق هن جا Thanks سچي شيشي گلي کان لاهي بجا آڻيندو ـــ بنا ان ويچار جي ته سچي شيشي گلي هيٺان لاهڻ ڪانپوءِ Thanks ڪرڻ جو منجهس ساهس ئي ڪٿي هوندو.

نظرياتي لحاظ کان جذباتي هجڻ پنهنجي جاءِ عملن هو نفسياتي طرح هڪ تندرست ڇوڪرو آهي. ذهني دباءُ ۾ پيڙهيل مريض سٽيٽرن جا بند گلا پاڻ کان لهرائيندا آهن. طارق کي مون ڪڏهن به Open سيٽر پائيندي ناهي ڏٺو.

طارق ڇا آهي؟
طارق ڇو آهي؟

طارق ائين ڪيئن ٿيو؟! ٿي سوال -What-How and why جا.

مون ڪيس آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڊاڪٽرن ٿي پنهنجن ساٿين ۽ ساٿڙن سميت اڪثر وينل ڏٺو اٿم. سندس چهرولي اکين ۾ چمڪندڙ خاموشي/ ۽ حجاڻتي انداز ۾ ڳالهائيندي. ۽ جيڪڏهن هو نه به ڳالهائيندو آهي تڏهن به سندس چپ چرندا رهندا آهن، ها مون ڪيس هميشه چيونگم ڪائيندي ڏٺو آهي (شايد هو پنهنجي محروميءَ جا چڪ چيونگم مان چڪائيندو رهندو آهي) چيونگم ٻار ڪائيندا آهن ٻار ته نچندا به آهن. پر طارق پڇندو آهي.

(پڇي گهڻا پڇايا تون پڇي ڪي پڇاءِ)

طارق جي (حلالي) وجود ۾ مون هڪ حرامي ٻار ڏٺو آهي.

(چيونگمن تي حلالي توڙي حرامي ٻنهين ٻارڙن جو هڪ جيترو حق آهي) ٻانهه هو پنهنجي اندر جي ٻارڙي کي چيونگمن جا چشڪا ڏيئي ڪانٽس ڪو ڏک ڀلارائڻ ٿو چاهي. (جن ٻارن جون مائر مري وينديون آهن اهي ٻار ڪچا ڌاڳا آگرين ۾ اٽڪائي انهن ۾ پناهون تلاش ڪندا آهن.)

۽ هاڻ سندس ڪهاڻين جون ڪجهه ڪڙيون پڪڙي آڏون طارق کي (قلم هن وقت منهنجي هٿ ۾ آهي جو ڏاڍو سو ڳابو) ڇهن چاهيان ٿي. پل ان ۾ ڇهاءَ

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي آڌار ان ۾ سچو سارو نہ، تہ سندس اڌ بدن جون
ڪجھ، جھلڪيون ڏي پڙھندڙن تائين پھچي سگھن.
طارق جي ڪھاڻين جو سفر من الحمد کان اللحد
تائين سندس تقريبن ھر ڪھاڻي جا سلسلا ڄمڻگھي جي
لوڏ کان شروع ٿي مڪليءَ جي قبرستان ۾ ڪم ٿيندا
نظر اچن ٿا.

## رات، ساڃت ۽ سوچون.

ھڪ بولڊ ڪھاڻي آھي طارق ان ڪھاڻيءَ کي اھو
نالو ڏيئي پنھنجا ھٿ خوبصورتيءَ سان بچائي ويو آھي.
آئون اگر اھا ڪھاڻي لکان ھا تہ سنئون سڌو نالو
رکانس Kiss the kisses.

سندس تخليق ڪيل ڪردار جي Kiss تي سڄي
ڪھاڻيءَ جو Climex آھي. ھت آئون ھڪ ننڍڙي
ڳالھ چوندي ھلان تہ "Kiss" ٻن وجودن ۾ پيدا ٿيندڙ
ھڪ حقيقت جو نالو آھي. Kiss پاڻ سمورو سچ نہ
آھي. ڪنھن سچ تائين پھچڻ جو ذريعو پل ٿي سگھي
ٿي. Kiss via sex پر خود Sex بہ سمورو سچ ناھي.
Sex بہ ڪنھن سچ تائين رسڻ جو ھڪ ذريعو آھي. طارق
کي جا "لولي پاپ" ڳالھ ۾ نظر آئي. مون کي
سا Sex خود طارق جي چھونڪمن ۾.

## پيلي ٽنگ.

ھڪ بيحد سھڻي اسٽائيل ۾ پيرائتي ڪھاڻي آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قلم جي Treatment مان مونکي سندس پنهنجي طبيعت جي Subnishiveness جو اندازو ٿيو اٿم سو ڪيس آئون T.V جي ڪنهن هيروئن جيان نه چوندس: "نڪري اچ طارق، ان Frustration مان نڪري اچ" بلڪ ڪيس للڪار ڏيندس: ٻچو ان Frustration مان نڪر جو جو گلشن اقبال ڏانهن ويندڙ سڀ دستا تنهنجي انتظار ۾ آهن.

خيرالنساء جعفري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميونسپل ڪارپوريشن وارا ٻه ٽه جيون... گندو گٽر، جنهن ۾ انساني ڪونپل ڪلهن جهڙيون خواهشون، آشائون، نراشائون ٻڌجي گند جيان لڙهي رهيون آهن. ۽، ۽ سچ؟ سچ، آن گندي گٽر جي مين هول نان چورائجي ويل لوهي ٻڙا! ان ڪان ٻه وڏو سچ آن گندي گٽر جي ڪاري پاڻيءَ ۾ ترندڙ تازو چاول ٻار، جنهن ڪجهه پل اڳ ساهه ڏنو آهي!" ٻوهه چپ ٿو ٿي وڃي.

اڪيون خشڪ ڦاٽل، دماغ خالي خالي، هلندو ٻيو وڃي بنا آس پاس نهارڻ جي. هلندي دل چاهيس ٿي هٿن ۾ ٽنگن تي ٻوندو ٿي ڪٿي جيان ٻوڪي: ٻوهه- ٻوهه- ٻوهه. يا وڏي ڪا، رڙ ڪري، جنهن سان شهه رگ ٽڙڪ ڪري ٽٽي پئي. يا اليڪٽرڪ پول سان متو هڻي. يا... يا روئي پئي رانيات ڪري، ميلي ۾ گم ٿي ويل ٻار جيان! اوچتو نگاهه اپارٽمينٽ جي ڪنڌ وٽ لوهي ڪتي مٿان پئي ٿي، جيڪو اڳين ٽنگن مٿان ڪنڌ رکي اکيون ٻوٽي، چپ ڪيڪي سهڪي پيو. هو آهستي آهستي وک وک کڻندو ڪتي ڀرسان وڃي رهيو آهي. ڪتو سندس پيرن جي ٺڙڪي ٿي ڪن ڪوٺا ڪري چرڪ ڀري ٿو ۽ ڪونڪات ڪندي ڀڄڻ لڳو آهي، اؤ اؤ اؤ. ڪانئس ٻه چرڪ نڪري ويو آهي. پاڻ کي ٻه ان وقت زماني جي چرڪائل لوهي ڪتي جهڙو پيو محسوس ڪري. انهن محسوس ڪندي ڪتي سان همدردي تيز ٿي وڃيس ٿي. ۽ ڪتي کي

انهن مان آهيان، اچ مان ٻه ڇڪي ڏسان!- پر ـــ پر هي، ڇا ملندو-؟ هاسٽل وڃان،؟! منگهن هاٿي جهولي کٽ، ميريون رليون، ٽريل پڪڙيل ڪتاب، ڪاغذ، ڇالهن وولٽ جي مرڪيٽنگ هنڌيي روشني چوڌاسي پکڙجندڙ پاسيس تي. پهلي پهلي فرسٽريشن سندس بند ڪمري ۾ پيل سامان مان وڪڙ ڪائي، سندس ڪمري جي بند ٿيل در جي وٿين مان وڃي سنجي وڏندي پٺي اچي. ڀريان هاسٽل جي ڪاريڊور ۾. پوءِ هوريان هوريان سڄو شهر ويڙهيو ٿو وڃي، سندس ڪمري مان نڪتل فرسٽريشن جي پهلي پهلي ڏنڊ ۾.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺ ترڪندو هيٺ خوشبو جي ڪلهل گلي واري قميص ۾ اندر گم ٿي ويو.

آدم، بيحد هلڪي آواز ۾ چيو: سچ جڏهن ٻڌون مون ڪان ٻري هلي ويندي آهين پائيندو آهيان. سڀ دائرا سرڪندا. سوڙهـا ٿيندا هجن. نـه چاڻان ڪڏهن انهن سرڪندڙ پنهنجي چوڦير سوڙهن ٿيندڙن دائرن ڪان جان آجي ڪرائي لاءِ وڙهندي وڙهندي ماٺ بيهوش ٿي ويندو آهيان. هو ائين خوشبو جي نڪ مٿان پنهنجو نڪ رکي سندس ساگر نيڻن ۾ ترندو رهيو. ڪن رکي آدم وري چـيو: "خـوشبو — واقعـي تـون منهنجو آڪسيجن آهين."—

"سچي" —؟ خوشبو پگهريل آواز ۾ پڇيو.

"هوزاونهه" آدم خوشبوءَ جي اکين مان رستا ٺاهيندو چپن سندس من نگر جون گهٽيون گهمندي هڪ ڏگهي هونڪار ڪندي چپن جي وچ واري رهيل اسپيس کي به ختم ڪري ڇڏيو. هو ٻئي ڪا مهل هڪ ٻئي کي نه ڏسي سگهيا. فقط گرم ساهه هئا ۽ سمنڊ جو هلڪو گوڙ. ٺيڪ انهيءَ ويل تمام پريان ڪان ڪنهن وڏي جهاز بگل وڄايو— بغل جو پوائنٽو آواز هر طرف ڊوڙون پائي گم ٿي ويو. آدم کي محسوس ٿيو ڄڻ بگل جو آواز سندن حرڪت مٿان احتجاج ڪندڙ ڪو وڏي عمر جو شخص هجي.

خـوشبو ڇتوڙ نموني آدم جـي ڇولهه مان هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏي سنڌس وارن ۾ پيهي ڪيس پاڻ کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ آدم جواب ۾ پنهنجا هٿ خوشبو جي وارن ۾ وڌيڪ مضبوطي سان پيهي سنڌس مک کي وڌيڪ ملائي ڇـڏيو. پنهنجن ۾ ڪـجهه پل بـي انتـها چڪتاڻ ٿيندي رهي، ۽ پوءِ خوشبو پنهنجا هٿ آدم جي وارن مان ڪيڏي سنڌس ڇـپاهه ۾ هلڪي هلڪي ڪتڪتائي ڪئي. هو ڇرڪ ڀري ڪائنس هڪدم پري هٽي ويو.

”بي ايماني“ آدم احتجاج ڪندي چيو. خوشبو نڪ جي چوٽيءَ وٽ سرڪي آيل چشمي کـي ساڄي هٿ سان ٺڪس ڪندي منهن دريءَ کان ٻاهر ڪيڏي ڏکها ڏکها ساهه کڻندي چيو: ”ڪنهن ڏينهن تون مون کي ماري ڇڏيندين!“

”ڪيئن!؟“ـ آدم کلندي پڇيو.

”اڃان به مون کان تو پڇين!!؟“ مون تو کي جهليو آهـي نـه؟

”آدم، مون تو کي جهليو آهي نه، ته مونکي ايڏيون ڏکيون هڻيون نه ڏيندو ڪر.“ خوشبو ٻاهر خلائن ۾ تڪيندي چيـو. هـو ٻئي وري شانت شانت وستن ۾ گهوريندا رهيا ڪي ڪڻ. ڪي پل ـ ۽ پوءِ آدم هلڪي آواز ۾ چيو:

”خوشبو.“

”هون“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هيڏانهن ڏس“

”نہ“

”چو“

”مونکي لڳندو آهي تنهنجيون اکيون مون کان ڪجهہ ڳهرنديون هجن.“

”آدم کان هڪ ڊگهو ساهہ نڪري ويو. هو چپ چاپ دريءَ کان ٻاهر سپنن سمان ڏيک ڏسندا رهيا۔ ڪجهہ دير ڪانپوءِ خوشبو جي سانت جي ساگر ۾ لفظن جو پٿر اڇلايو.“

”ائي“۔

”ڇا“

”تون جڏهن بہ منهنجن وارن کي پڪڙي مون مٿان جهڪندو آهين نہ؟.... ان ويل منهنجي دل چاهيندي آهي مان توکي تنهنجن وارن کان جهلي ٻانهن کان پري هٽائي ڇڏيان—. ۽ تون وڏيڪ مضبوطي سان منهنجن وارن کي جهلي مونکي پنهنجي وڌيڪ ويجهو آڻي ڇڏين— آدم، منهنجي دل چاهيندي آهي مان توکي ڪجهہ بہ آرام سان ڪرڻ نہ ڏيان“۔

”اون هون؟!“ آدم سندس ڳالهہ، ٻڌي هلڪي هونڪار سان ڳڌ ڪنڌ بہ لوڏيو ۽ وري ساههون سمنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”مان ائين ڇو چاهيندي آهيان؟“ خوشبو ڪنڌ مٿي ڪري آدم ڏانهن ڏٺو. ۽ آدم ڪنڌ هيٺ ڪري سندس


Scanned with CamScanner

مطلب نہ هوندو آهي.

”ايءَ، ٻڌ!“ خوشبو کي چئي ڪجهہ ياد اچي ويو ”ٻڌاءِ.“——

”مان جڏهن توکان موڪلائي ٻاهر نڪرندي آهيان نہ، تہ گهٽيءَ ۾ بيٺل سيئي ماڻهو مونکي عجيب نگاهن سان ڏسندا آهن ڄڻ مان، ڄڻ مان پنهنجو لباس تو وٽ وساري آئي هجان.“

”ها، خوشبو، ائين ٿيڻ بہ گهرجي. هت تہ ڪو پنهنجي مرضيءَ سان روڊ مٿان جهونگاري بہ ناهي سگهندو. جت ڪوبہ هائيڊ پارڪ نہ هوندو آهي. ات ماڻهو پنهنجين نفرتن جو اظهار سرڪاري آفيسن، هوٽلن، اسڪولن، ۽ شهر جي سئنيمائن جي بيت الخلا جي ڀتين مٿان ڪندا آهن، ۽ پيار جو اظهار ڪرڻ لاءِ پاڙي جي ڀتين ۽ شهر جي بس اسٽاپن جي ديوارن مٿان اکرن سان ٻريم پتر لکي ڪندا آهن.“ آدم بيحد گهنڀيرتا مان ڳالهائيندي سانت ٿي پنهنجين وڏين مڇين جي ٻچڙين کي زبان سان ڏندن وچ ۾ ڏئي چڏيائين، هو ائين ئـي ڪجهہ دير پنهنجين مڇين جي ٻچڙين کي ڏندن ۾ اٽڪائي سوچيندو رهيو. ۽ پوءِ هڪ لفظ تي زور ڏئي ڳالهائڻ لڳو:

”ٻڌ خوشبو، ائين ڇو ٿي سگهي؟“

”ڪيئن؟“

”ڪنهن بہ گهر کي ڪوبہ دروازو نہ هجي، ڪوئي بہ، جڏهن بہ، جنهن سان بہ ملڻ چاهي ملي پوري آزاديءَ

ائين چو ٽهندو آهي، خوشبو؟!“— ”نون آهين ٿي چريو، هميشه ابتو سوچيندو آهين.“

خوشبو هميشه جيان ڪيس ساڳيا جملا چيا ۽ ٿهڪ ڏيئي کلي پئي، پوءِ بانس جي لڪڙي مان هڪ سنهي ڇيٽ پٽي آدم جـي وڏين مڇن مٿان هوريان هوريان ڦيرائيندي پنهنجي سنهين ڪمانن واري نظر جي چشمي پٺيان وشال نيڻ سندس منهن ۾ اٽڪائي مرڪڻ لڳي.

ٻاهران ڪنهن زوم سان ڪناري ڏانهن پٿر اڇلايو آهي.

هڪ چڱي چٻاڪي سان پٿر سمنڊ ۾ ڪريو آهي. ۽ ڪناري مٿان وهنل اڇا پکي رڙيون ڪـري هوا ۾ آڏا ابتا رستا ٺاهي اڏامي رهيا آهن. آدم پکين کي هوا ۾ ٻيوما هڻندي ڏسـي پڇڪيو: ”منهنجي هٿ ۾ ڪوبه پٿر ڪونهي.“

خوشبو پرس مان سگريٽ جو پئڪيٽ ڪڍي هڪ سگريٽ پنهنجين ڳـاڙهن چپن جـي ڪمانن ۾ ڪشي، ماچيس ڪڍي نيلي ٻاري سگريٽ دکـائي، هڪ ڊگهو ڪش هڻي، ڦوڪ ڏئي نيلي وسائي ٻـاهر اڇلي ڇڏيائين. پوءِ ساڄي هٿ جي سنهين ڊگهين آڱريـن ۾ سگريٽ جهلي کاٻي هٿ سان پرس جي زپ کولي چيونگم ڪڍي آدم ڏانهن وڌايائين. ”نه!“

”چو“ خوشبو چو جي (و) تي زور ڏئي عجب مان پڇي ٿي.

”مان ٻه اڄ سگريٽ پيئندس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر تون تہ هميشہ ڇيونگم ڪائيندو آهين.“

آدم خوشبو جي سوال جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو، هڪ ڊگهو ساهہ کڻي خوشبو کي گهورڻ لڳو.

”ڇڏيو، هي تہ وٺ پلا!“

هوءَ عجيب بيزاري مان چئيس ٿي، آدم سندس ٺري ٺاڻ ڇيونگم کڻي ٿو ۽ پوءِ پرس مان سگريٽ جو پئڪيٽ ڪڍي هڪ سگريٽ دکائي ٿو، چار ڊگها ڪش هڻي آسمان جي اونديري هوٽ آخري پڇيل ڏوما هڻندڙ پکي ڏانهن ڏسڻ ٿو لڳي، خوشبو جي مک تي ٺڪ جا تاثر اڀري آيا آهن. هوءَ بيحد ٿڪالي ٿڪائي انداز ۾ چئي ٿي:

”(اڏيءَ) پوءِ تو ايندڙ وقت لاءِ ڇا سوچيو آهي.“

آدم سندس جملي تي هلڪو چرڪ ڀري ڏانهس ڏٺو ۽ مرڪي پيو، هو ڪا مهل کيس مرڪي ڏسندو رهيو ۽ مرڪندي چيائين:

”مونکي خبر آهي خوشبو تہ هر ايندڙ وقت ڪنهن نہ ڪنهن دک کي ڏندا پيڙيون هنيو پاڻ سان گڏ وٺيو پيو اچي.“ هو ڪن رکي وري ڳالهائي ٿو: ”مون هميشہ ايندڙ ڏک لاءِ ئي سوچيو آهي خوشبو، نہ ايندڙ سک لاءِ!“

”۽ مون هميشہ ايندڙ سک لاءِ سوچيو آهي“ خوشبو پريان ڪيان نظر ايندڙ ٽمڪندڙ روشنين ڏانهن ڏسندي اميد ڀريل آواز ۾ چيو.

آدم جي من مان هڪ گهرو ساهہ گهوماٽيون کائي

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خلائن ۾ ڪم تي ويو. ”تو ۾، ۽ مون ۾ اهوئي تہ وڏو ڪنٽراسٽ آهي خوشبوا!“

”ڪهڙو؟!“

”اهو ئي تہ تو هميشه سياستدانن جيان سوچيو آهي. ۽ مون هميشه ڪلاڪارن وانگر-ها، خوشبو-ڪلاڪار هميشه ايندڙ ڏڪ لاءِ سوچيندو آهي. ۽ سياستدان هميشه ايندڙ سک جا سپنا ڏسندو آهي.“

”تہ آدم اڻين ناهي، مان حقيقت ۾ هڪ عورت آهيان. ۽ ايندڙ وقت جي ماءُ ۽ فقط انهيءَ لاءِ، مان هميشه سک جا سپنا اڻيا آهن.“

”ها آ“ آدم (ها، جي الف تي زور ڏيندي پنهنجي ساڄي هٿ جون آڱريون اکين مٿان پکيڙي ڪنڌ نوائي ڇڏيو، سمنڊ جو گوڙ هوريان هوريان تکو ٿيندو پئي ويو. ڇڻ سلو ڊانس جي ردم واري موسيقي ۾ تڪائي اچي رهي هئي-!

”اي-“ خوشبو ڇڻ آدم کي جاڳائيندي چيو:

”هون؟“ آدم اکين تان هٿ هٽائي ڇڏيا.

”تون آخر ڪيسين جهازن جي لنگرن جا رسا جوڙيندي پنهنجي ماهاڻي زندگي کي ايڏي سستي نموني وڃائيندو رهندين؟“

”جيسين هٿن ۾ سگهہ آهي.“

”چريو آهين تون.“


Scanned with CamScanner

"ها، توکي نہ سڌ آهي ٿي."

"آخر- تون نوڪري ڇو نہ ٿو ڪرين-"

"ڪمي هئم."

"هـا، مونکي خبر آهـي." خوشبو اڌ ۾ ڪيس ڪٽيندي چيس:

"هنن نوڪرن ڇانهيون ڊورايون هيون. توکي ڇيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ ڏنا هئائون توکي — توکي، ڇيو هئائون اسانجي گهر جي دروازن کي اچي وائيٽ واش ڪر- ع، ۽ ڪلارڪ ڪڏهن بہ پٽيوالا نہ ٿيندا آهن. ائين ٿي نہ؟!...."

آدم اتاولو ٿي ويو. هن پنهنجن پنهين هٿن جـون مٺيون پيڪوڙي زور سان بانس جي دريءَ مٿان وهائي ڪڍيون، ۽ ذري گهٽ رڙ ڪندي چيائين:

"O- Yes Absoluetly. yes." خوشبو، مان انهن منجهان ناهيان جيڪي مهانتا جي منزل کي ماڻڻ لاءِ واهياتپڻي جي انت ۾ پاڻ کي ڦٽو ڪندي بہ ناهن لنوائيندا-"

"۽ انهيءَ ڪري تہ تو استعيفا ڏئي جهازن جا لنگر ٺاهڻ لڳو آهين. سڄو ڏينهن ٿو وهين- ڪڏهن پنهنجن هٿن جون ترڀون ڏٺيون اٿئي؟! سڀ ريکائون گـم ٿي ويون اٿئي"—

"ها، مزدور جي هٿ ترڀءَ مٿان ڪا ريـکا ناهي هوندي. هن جو هٿ تہ هميشہ هن جي من جهڙو اجرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندو آهي ـــ خوشبو ڊارلنگ، مزدور جو هٿ اهو ڪڪائون محل هوندو آهي جنهن جي موڻ گيٽ مٿان ڪوبه (هذا من فضل ربي) جو سائن بورڊ ڪاهي لڳل هوندو!"

"آدم". خوشبو پنهين هٿن جون مٺيون بند ڪري پوري زور سان رڙ ڪئي:

"مونکي تنهنجي هروقت جي انهيءَ اجائي فلسفي کان چڙ آهي. ڪڏهن منهنجي دل چاهيندي آهي مان پنهنجن وڏن نهن وارين آڱرين سان تنهنجي چپ پٽي ڏيڻ مٿان اڇلي ڇڏيان."

"ها ها، تون ته چاهين ٿي، تون ته چاهين ٿي، مان گونگو ٿي وڃان. هميشه لاءِ"

"ها، مان چاهيان ٿي آدم، مان چاهيان ٿي، تون گونگو ٿي وڃ. منهنجي لاءِ، پنهنجي خوشبو لاءِ" چوندي، چوندي خوشبو جي ڳلي ۾ ڏک جا سنگهر اٽڪي پيا. ۽ هوءَ ٻڏي وئي ـ آدم منهن مٿي ڪري اکيون ٻوٽي ڊگها ساهه کڻڻ لڳو. خوشبو پرس مان هڪ پيڪو سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ ٻه چار ڊگها ڪش هڻي پڇاڙان چيائين:

"ڏس، جيڪڏهن اسانکي هن جڳ ۾ رهڻو آهي، ۽ سوسائٽي ۾ ڪا اسٽيج وٺڻي آهي، ته پوءِ، اسانکي گونگو ٿيڻو پوندو، زهر کي امرت سمجهي پيئڻو پوندو، ۽ رات کي ڏينهن سمجهي جيئڻو پوندو، ۽ پاڻ ان معاشري ۾ نا رهون جت ماڻهوءَ جي اعمالن کي نه پر اسٽيٽس کي

ڏٺو ويندو آهي ۽ مان نوڪري کنهن بينڪ رابري لاءِ نٿي چوان آدم، مان فقط ايترو ٿي چاهيان ته، جيڪڏهن مون کان گهر وارا ڌنهنجي لاءِ پڇن ته مان ڪين اهو ٻڌائي سگهان ته تون رسا ڌاهيندڙ مزدور ناهين.“

”هونهه،“ آدم جي اکين ۾ ڪروڌ لهي آيو، ۽ چپن جي ڪنڊن وٽ ٿوهر مرڪ.

چو— ؟ مزدور چو نه؟“

”نه، نه، بس چيم، نه“ ۽ ڪن رڪي وري بيحد نراس نوع مان چيائين.

”تون آخر اوندو چو ٿو سوچين—“ ”ڏس مان به ته جاب ڪيان پئي نه، چـا، مون وٽ تو جهڙيون فيلينگس ناهن—؟!“

آدم ڪو به جواب ڏئي نه سگهيو چپ چاپ دريءَ وٽان هٽي جهوپڙيءَ جي ڪنڊ ۾ هليو ويو. ڪي ڪن خوشبو ڏانهن پٺ ڏيو بيٺو رهيو ۽ خوشبو چپ چاپ پريان ڪان نظر ايندڙ روشنين ڏانهن ڏسندي رهي، ڏسندي ئي رهي، ۽ پوءِ منهن ورائي جهوپڙيءَ جي ڪنڊ وٽ بيٺري آدم جي ڪلهن ڏانهن ڏسندي لفظ لفظ ڪري چيائين:

”توڪري– هڪ، ڳالهه ٻڌايان؟........ هان، ٻڌايانءِ؟“

”ها– ٻڌاءِ– ٻڌاءِ نه؟“ آدم ڪنڌ کي ٿورو پاسيرو ڪري چيس.

”آدم، مان، آدم مونکي، ممنسز اڄ بند ٿي ويا آهن.“

”ڇو!!؟“ پوءِ مل نہ ڪنهن ليڊي ڊاڪٽر سان.

”ماڻ هلون؟!“

”ملي آئي آهيان!“

”ڇا ڇيو هن؟“

”ڇيو هٿائين، ڇيو هٿائين. مان پرگيننٽ آهيان.“

آدم کان ڇرڪ نڪري ويو. هن هڪدم منهن ورائي اکيون ڦاڙي خوشبو ڏانهن ڏسندي رڙ ڪئي:

”ڇا سچ!؟“ آدم جو هٿ بي خبري ۾ سندس سامهون کان لڙڪندڙ پيٽرم ميڪس لئمپ کي لڳو ۽ ليمپ سڄي لڏي وئي ۽ ليمپ سان گڏ روشني به.

”ها- مان پرگيننٽ آهيان.“ خوشبو جـو آواز به جهوپڙيءَ ۾ لڏندڙ روشنيءَ جيان هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين لڏي ويو.

”۽ تو- مونکي ايتري دير ڪانپوءِ ٻڌايو آهي-!“

”ڇا تو فرق پئي“ خوشبو ڏاڍي اداس انداز ۾ دري کان ٻاهر اونداهي ڏانهن ڏسندي چيو. آدم پنهنجي پير ۾ پيل اسٽول کڻي خوشبو ڏانهن وڌيو. ۽ اسٽول سندس پير ۾ رکي ٻهي رهيو. ڪجهہ دير ويٺو رهيو پوءِ بيحد پيڙا مان چيائين:

”خوشبو....“

”خوشبو....“

”هون“

”نون تڪجي پئي آهين نہ“

"ها، آدم — مان ٿڪجي پئي آهيان."

چوندي خوشبو جا لڙڪ ڇپرن مان لڙي پيا، آدم کيس ڪلهن کان وٺي اسٽول مٿان ويهاري ڇڏيو. خوشبو اسٽول مٿان ويهندي آدم جي قميص کي هٿن ۾ جهلي روئي پئي، ۽ لڙڪن وچ ۾، لفظ لفظ ڀري پئي.

"مان، ٿڪجي پئي آهيان، آدم."

"مان، ٿڪ،جي- جي پئي. آهيان؟"

آدم ڪيترائي پل پٿرايل نيڻن سان دريءَ کان ٻاهر نظر ايندڙ سيمي سرڪل جي شڪل ۾ ٽمڪندڙ روشنين ڏانهن گهوريندو رهيو. روشنيون ٽمڪندي ٽمڪندي هن جي نگاهن کان آئوٽ آف فوڪس بڻجي ويون. نه ڄاڻ ڪڏهن کان سمنڊ ۾ چاڙهه اچي ويو هو. هوائون تکيون گهلڻ لڳيون هيون ۽ لهرن جي گوڙ ۾ ڀيانڪتا اچي وئي هئي! ڪجهه گهڙيون اڳ وارو نوجوان، جذباتي ۽ پنهنجن اصولن سان سچو آدم ڄڻ پنهنجا سمنڊ کان گهرا ۽ آسمان کان اوچا احساس وڃائي ويٺو هو. هوا جي زور تي سندس وڏين مڇن جون ڀڃڙيون لڏڻ لڳيون هيون. ۽ کيس پهريون ڀيرو پنهنجين مڇين جي وڏي هجڻ جو احساس ٿيو. هن کي لڳو، ڄڻ هو بيحد وڏو ٿي ويو هو. جنهنجي مدّ اڄ پئي هئس. ڪجهه گهڙيون اڳ ٿي — —!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٽڪنڊا - چوڪنڊا - دائرا

ٻاهر آڪاس ٽانڊا اڇلي رهيو آهي.

اندر ڪمري جي ڏکڻ واري ڀت ڀرسان پيل هنڌ وڇايل کٽ تي، مان ڀت کي ٽيڪ ڏئي، اڌ اُجهاڻل اکين سان، سامهون واريءَ ڀت مٿان ٽنگيل پنهنجي پينٽنگ کي ڏسي رهيو آهيان، جيڪا ڪنهن مهل سڌي، ڪنهن مهل ٻاسيري، ڪنهن مهل ٽڪنڊي، ۽ ڪنهن ويل چوڪنڊي پئي ڀاسي.

اڄين ٿي، جيئن شهر جي ڪنهن مصروف شاهراهه تي اوچتو طوفاني برسات پئجي وڃي ۽ وچ شاهراهه تي هلندڙ ڪار جو ونڊ اسڪرين مينهن ڦڙن سان ليڪون ليڪون ٿي وڃي ۽ اندر ويٺل کي نظر اچن شهر جي اسٽريٽ لائٽس ۽ سائن بورڊس جون روشنيون لينگها لينگها. مان اکين جي وائپرس (پنبڻين) سان، هر هر ونڊ اسڪرين (ماڪين) کي صاف ڪري ڏسڻ جي جاکوڙ ڪريان ٿو ڀت مٿان ٽنگيل پينٽنگ کي، پر ٻئي پل ۾ پينٽنگ جا سمورا رنگ پاڻ ۾ وچڙي، ڪٽجي ٽڪنڊا، چوڪنڊا دائرا ٿاهي ڦهلجي سلوموشن ۾ اڏامڻ ٿا لڳن ڪمري اندر. ڀانيان ٿو ته پاڻ کي به انهن شڪليون- بدلي اڏامندڙ رنگا رنگي ٽڪرن جو حصو.

منهنجي کٽ هيٺيان ڊائزاپام جي شيشي اونڌي پئي آهي، جا ڪجهه ساعتون اڳ ڀريل هئي. ۽ منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون، ڪهاڻيڪار تي ڪري به عام انداز ۾ سوچين؟!"
منهنجي Beloved مون کي ڏکايل آواز ۾ ٻيهي ٻيهي
چيو هو. تڏهن مون ڪيس ٿڌو ساهه ڀري ٻڌايو هو:
"رخسانا، جانان، مون کي يقين آهي ته دنيا ۾ سڀ
کان ڀرپور آپگهات ڪنهن ڪلاڪار ئي ڪيو هوندو"

"مان آپگهات ڪندس جيڪڏهن هوءَ نه ملي ته...."
ٻه سال اڳ دوستن سان ساڌ ٻيلي جي هڪ حسين مندر
مٿان ٻيهي، هٿ ۾ جهلهل نديڙي ڪتمني نارنگي کي،
زور سان سڪل وڻ ڏانهن اڇلي چيو هوم، نارنگي
سڪل وڻ جي ٽاڻين ۾ لڳي ڇيهون ڇيهون تي وئي
هئي. ڪنهن به مون ڏانهن ڌيان نه ڏنو هو، سڀ،
ڪنهن دوست جي چٽي ٻڌي لطيفي تي ٽهڪ ڏئي رهيا....
"منهنجو من شمشان الا الا"

"سائين ڪلهه ساڌ ٻيلي جو جهونو ٻاڏو مري ويو؛
مون سندس وصيت مطابق ڪيس ساڙڻ بجاءِ ٻوريءَ ۾
بند ڪري سندوءَ جي سهر ۾ لوڙهي ڇڏيو...." پرنس
ٽا ٻوڙيءَ واري جا لفظ ڪن ۾. اهو ئي ٻاڏو جنهن
جي پير ۾ شيخ ايــاز التي ٻلتي هــئي، ڪانئس هندي
ٻاٺ پڙهندو هو.

پاڻيان پيو ڇڙ ڪمري مان نڪري، ساڌ ٻيلي جي
سنگمرمر واري ٿهيل مندر جي ٿڌي ڇت تي پيٺ پر
ليٽي، ٻڌي هٿ ڪاڏيءَ هيٺان ڏيئي ڏسان پيــو اندلث


Scanned with CamScanner

ويندي ويندي اسان جي هڪ نوجوان اديب طارق عالم
جي مرتئي تي روايتي ڏهراءُ پاس ڪندا وڃو، ويچارو
چڱو ڪهاڻيڪار هو، چڱي ڳالهه آهي، گهٽ ۾ گهٽ
اخبار ۾ ته، ڪنهن اديب جي، مرتئي جي خبر اچڻ
گهرجي! جيئري نه ته.....!“

سڀ ڪن لاءِ خاموش ٿي ويندا پوءِ نثار حسيني،
نصير مرزا، خدابخش ۽ امداد حسيني ڪنڌ نوائي من ئي
من ۾ ڪجهه سوچيندا ڪجهه پڙهندا! مدد پنهنجي عينڪ
جا شيشا اگهندو/ ڪو به پنهنجي اک ته اگهندو، هر ڪنهن
کي پنهنجو ڏک پيارو آ مدد پنهنجي عينڪ جا شيشا
اگهندو ۽ پيا اديب دوست ادبي سنگت جي (گشتي)
آفيس مان نڪري چونڪ تي پهچي چٽو چٽو ٿي هليا
ويندا. منهنجي قبر جي خشڪ ٿيندڙ مٽي سان گڏ
منهنجي ياد به ذهنن مان خشڪ ٿي ويندي، گم ٿي ويندي.

پر پوءِ به مون کي پڪ آهي، حيدرآباد جي هڪ
گهر مان ڪوئي، ساري جڳ کان چوري چوري ڪنول
ترين ۾ سن مک لڪائي شيتل نيڻن جي جهرڻن مان
موتين مٺ ضرور هاريندو، مون کي ياد ڪري.

منهنجي مرڻ جو مقصد!؟ ڪوئي پڇندو!

منهنجي جيئڻ جو ڪارج؟ مان پڇان ٿو!

مان هيل تائين ڇا لکيو آهي؟ مالڪ، مشتاق، امداد،
مدد نيو جنريشن کي فرسٽريشن جا ڇيچ جهول ۾ وڏا آهن.
اسان جي وڏن جو خيال آهي: اسان پلاٽ ليس

هيٺ لهندو سنڌوءَ جي انت ۽ جت نيڻ وڇايو ويٺا آهن ڏهيرا، حفيظ، الطاف، گرامي، مولائي، گدائي، ڪتري ۽ مراد.

مون کي پڪ آهي منهنجي مرڻ پڄاڻان، منهنجيون سڀ اوڏايون مون سان گڏ دفن ٿي وينديون، ۽ مان، مان نه، فرشتو ٿي پوندس.

O K امان، O.K دوستو، ڀائرو، O.K جاني، افشان، رخسانا.... OK.OK Good by.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿ اکين تان هٽائي لڪڻ ٿو لڳي ۽ ڪاپي جو خالي اڌ پرچڻ ٿو لڳي:

مان ننڍڙي سڄاڻان تڏهن ڪان جڏهن تون ڪاٻه جهل پل نه هئي. جڏهن تون ٻه چوٽا ڪندي هئين. ۽ پٽڪڙين مٿين ۾ پيسا قابو جهلي ڊوڙون پائيندي نچندي ٽپندي دڪانن تان شيون وٺڻ ايندي هئين، تڏهن ٻه تون مون کي اوتري ئي ڪٿئي جهڙي مٺي ۽ رنگين لڳندي هئين ۽ مان دڪان اکيان لوهي ڦيٿو ڦيرائيندي پيهجي ويندو هوس. دل چاهيندي هئي توسان ڳالهايان، تنهنجي اپريل لالي پاپ جهڙن خوبصورت ڳلن تي پيار مان مٺي ڏيان، ننڍڙي پانهن ڪان جهلي چوان! هليا ته ڦيٿو ڦيرايون: (تنهن زماني ۾ مون کي پنهنجو ڦيٿو بيحد پيارو هوندو هو.) پر جيڪڏهن تون مون کي ڦيٿي ڦيرائڻ ڪان جهلين هان،نه؟ ته مان اصل ڦيٿو نه ڦيرايان هان. تنهنجو سونهن!

مان چاهيندو به هيس ته تون مون سان راند ڪرين، ڪاوڙجين، رسين، وڙهين، ناراض ٿيئن ۽ پرچي وڃين.

پر اهو سڀ تنهن وقت به مون لاء اڻٽروٽي عجيب ۽ ڏوڏيندڙ هيو جيترو هاڻ. پوء مان اڳهاڙن پيرن جي آڱوٺن سان زمين کوٽڻ لڳندو هئس. اکيون مهٽڻ لڳندو هئس ۽ لوهي تار سان لوهي ڦيٿي کي وڄائڻ لڳندو هئس. ڪيترو مزو هوندو هو ان تار ۽ ڦيٿي جي سنگم

سان نڪتل آوازن ۾ ۽ مان اڪيون ٻوٽي زور زور سان شوخ ڦوٽي مٿان هڻندو هئم.... ڏن ڏنن ڏنن ڏنن....

مونکي آوازن سان نندي لاڪون پيار آهي، آواز منهنجي جيئڻ جو بهانو آهن. هر قسم جا آواز، سمنڊ جي لهرن جا، هوا جا، نغارن جا، دهلن جا، شرنائن جا موٽرن، بسن، ڪارن، اسڪوٽرن جي برينڪن جا، جلوسن جي نعرن جا، ٺڙاه جا، ڊوڙڻ جا، ۽ زور زور سان رنيون ڪري روئڻ جا.

ڪڏهن ڪڏهن دل چاهيندي آهي ڪو هجي جنهن کي ٽڙون وهائي ڪيان ڪي اهڙا اپريل فولي پاپ جهڙا گل جن مٿان چماٽون هڻان.

چاهيندو آهيان ڪو، روئي منهنجو پيارو ۽ مان انکي پرچايان. هو نه پرچي منهنجي پرچائڻ سان به وڌيڪ روئي، زور زور سان ٻٽي هٿ منهن تي ڍڪائي.

يا ڪوئي هجي جو مونکي چنبڙن کان جهلي منهنجو منهن پٽ سان ٽڪرائي ڪٽيندو رهي. (پر اهو ڪو مرد بلڪل نه هجي.)

دل چاهيندي آهي دنيا جي هر عورت سگريٽ ڇڪي. ان لاءِ جو مونکي سگريٽ ڇڪيندڙ عورتون ڏاڍيون اسپريچوئل پاسنديون آهن. (رنڊين ڪانسواء)

مونکي اهي سڀ ڇوڪريون بيحد حسين لڳنديون آهن جيڪي ٿو جهڙيون هونديون آهن. ٽلهن ڇپن، اپريل گلن ۽ سچيل اکين واريون وتيل سٿيل.

منهنجي دل چاهيندي آهي ته مان اهڙين ڇوڪرين جي آڱرين کي مروڙيان. ڪمن چنبن کان جهلي (Kiss) ڪيان !!.

پين وارو پيو هٿ ٻيهر ٻيهجي ٿو وڃي، ڏکها ڏکها ساهه کڻي رهيو آهي بي ترتيب اکيون ٻوٽي— ساهه تي قابو پائي ٻيهر لکڻ ٿو لڳي:

ته مان تشدد پسند ناهيان. بلڪل ناهيان. پر اهو سڀ ڪارڻ آهي مونکي ٽوڪان ٻري رکڻ جو. اسانجن وڏن لاءِ اها ڳالهه عيب جوڳي آهي ته ڪو ڇوڪرو ڪنهن ڇوڪري سان ڳالهائي بنا (ادي) چوڻ جي. اسان ٻاهران ته فرشتن جيان سڀاجها ۽ شريف آهيون پر اندران ڪنهن خارش ورتل ڪتي جهڙا ڏي سيڪس زده. اسان ٻاهران ته هر ڇوڪري کي ادي چئون: پر من اندر ڪيس الف اگهاڙو ڏسون ۽ ڏسي سوچي خوش ٿيون. اسان وٽ ڇوڪري جو تقدس ڪيس پريل ڦوڪڻي جيان هوندو آهي. جيڪو مرد جي ڇهڻ سان ڦاٽي پوندو آهي. ڪڏهن به ڪنهن به اهو ناهي سوچيو ته: موڪل مهل ڪاليجن، اسڪولن، اڳيان ڇوٽا ڇوڪرا خواري ڪن. اسن ۾ سڙن ۽ نوجوان ڇوڪرين جو پيڇو ڪن.

اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي آخر، جو اسان ڪانئيٽ فتنگز جون پينٽون شرٽون پائي، بو ڊي ڪولون جون خوشبوڏون هڻي، وار سيٽ ڪرائي، پوڊر مکي، قميص جا بٽڻ کولي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان ايترا ته جنس زده ٿي ويا آهيون، فرسٽيٽڊ ٿي ويا آهيون جو جانورن مان به نه مڙدون-!!!

پر جڏهن اسان سان ڪا ڇوڪري مرڪي ڳالهائي ٿي ته اسان وائڙا ٿيو وڃون. اسان لاءِ هڪ ڇوڪريءَ جي مرڪ دنيا جي هر خوشيءَ کي ڏهوٽي اتم آهي. (ڪن لاءِ بيهي وري لکڻ ته لڳي.)
تنهنجي ان ڏينهن جي ڳالهين مان بيحد فرسٽريشن جي بوءِ آئي هئي. اهوئي ساڳيو مون وارو سوچڻ جو انداز ڳالهائڻ جو انداز.
ڪنڌ جهڪائي آڱريون مروڙڻ جو انداز. ڳالهائيندي وچڙي پوڻ. اونهان اونهان بي ترتيب ساهه کڻڻ. ڏسڻ- ۽ ڏسڻ کان لنوائڻ. ان ڏينهن توسان تنهنجي ڳالهين مان بيحد پنهنجائپ جو احساس ٿيو هيو. مونکي تنهنجو وجود تالهي جي ٽڏي ڇانءَ جهڙو پياسيو هو.
ان ڏينهن ڪانپوءِ مان ڏاڍو چاهيو آهي توسان ملڻ لاءِ، توسان ڳالهائڻ لاءِ توکي ياد آهي- نه مون توکي

چيو هو:
اسان کي هڪٻئي سان ملڻ گهرجي. پنهنجا ڏک سور ونڊڻ گهرجن. گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ته هڪٻئي کان ڪجهه به نه لڪائڻ گهرجي. ڇو ته، اسان جي سوچڻ جو انداز ۽ محسوس ڪرڻ جو انداز ساڳيو آهي، سچ ته اسان هڪٻئي جي غمن کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تا. (اوچتو لکندي لکندي هڪدم ٻيهجي ويل)

هي مان ڇا ٿو ڪريان! بس اڻهين ڏي لکندو ٿو وڃان جيڪو به ذهن ۾ اچي ٿو- هوءَ ڇا سوچيندي-؟ جڏهن پڙهندي!! پر، هوءَ نه ٻوالپ آهي. ترقي پسند نظرين جي حامي آهي. انٽيليڪچوئل آهي! ڪٿي ڇا به هجي مونکي هن ڏانهن هن طرح جو خط لکڻ نه گهرجي.

........ پر مون لکيو ڇا آهي؟

هو لکيل خط پڙهڻ ٿو لڳي........

خط پڙهڻ بعد، ڪنهن وڏي ٻوڏاري ۾ ٻيل.

لکيل خط ڏانهن ڏسندي سوچي ٿو:

'ڪٿي جڏهن به هوءَ منهنجو خط پڙهي ٻيرِ نه نه ٿيندي ورندي؟-!'

'پوءِ ؟؟؟'

'ڦاڙي ڇڏيان؟'

هڪ سوال ڪهاڙي جيئن الر ڪيل: ڦاڙي ڇڏيان؟!

"ها، ڦاڙيانس"

هٿ ڪجهي ويل ڪاپي جي پيجن ڏانهن ۽ ڦاڙيندي ٻيهجي ويل.

'—— نه مونکي خط ڦاڙڻ نه گهرجي ڪيس ضرور پڙهائڻ گهرجي. مونکي يقين آهي هوءَ برو محسوس نه ڪندي. ان لاءِ جو هوءَ پاڻ بري ناهي. بري ذهن جي ناهي. سٺا ماڻهو هميشه سٺو سوچيندا آهن....مونکي ڄاڻ آهي هوءَ سٺي آهي، بيحد پياري آهـي، اها به سڌ اٿم نه


Scanned with CamScanner

فتح ٿي پيار آهي، جسم تہ وڃي بہ سگهجي ٿو.

اسان جن مٿان فتح حاصل نہ ڪري سگهندا آهيون تن سان آفاقي محبت ڪندا آهيون. سئو طريقو آهـي ناڪاميءَ کي لڪائڻ جو. (ٺهڪ ڏئي کلي ٿو پوي.)

مين روڊ تان ڪنهن جي پيرن جي آواز سان گڏ ڳائڻ جو آواز بہ اچي رهيو آهي، فلم جـو آخري شو ڪڏهوڪو ختم ٿي ويو آهي، پيرن جا آواز ويجهڪ ٿيندا ٿي ويا آهن ۽ ڳائڻ جـو آواز پڻ. ڪو ڳائيندو پيو وڃي سرديءَ نهوڙيل آواز ۾:

”ننڊ اچي تـہ ڏسان تنهنجا سپنا ـــ آءٌ جڳن کان جاڳيو آهيان تولاءِ گيت لکڻ ٿو چاهيان.“

”ڪير ٿي سگهي ٿو؟“ هو سوچڻ لڳو آهي. هوندو ڪو گهر کان واندو. پر هن کي ڪهڙي خبر پئي تہ مان هن سان پيار ٿو ڪريان! اهڙا گانا تہ مونکي ڳائڻ کپن آواز هوريان هوريان سيءَ جي ٿڌ ۾ گم ٿي ٿو وڃي ۽ پيرن جا آواز بہ رڪي رڪي ڪتان چوڪيدار جي رڙ سانت جي ڪک ۾ چڻ تہ بہ هشيارڙي لـٺ وهائي ٿي ڪڍي. ۽ وري ساڳي سانت. هو هڪ ڊگهو ساهہ کڻي پڙڪي ٿو: ”روپ!“

I Forget you When Sun Rises

پوءِ هوريان هوريان ڳالهائي ٿو ”زندگي هڪ شاهراهہ جهڙي، ۽ خواهشون موٽرن ڪارن جيان تنهن مٿان ڊوڙنديون رهن ٿيون هر وقت فل اسپيڊ سان. ۽ تڪميل تائين نہ

ذهني/جنسي مريض نه هوندا. اذيت پرست نه هوندا ۽ اوچتو سندس نگاهه اڌ ۾ ڇڏيل خط تي پئي ٿي. ’هي خط اڄ رات لکي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن سياڻي کيس ڏئي ڇڏيان، ها آخر ائين ڪيسين ناڻين ڀوڳيندس‘ ۽ هو اڌ ۾ ڇڏيل خط ٻيهر لکڻ ٿو لڳي:

ڪٿي ڪنهن هنڌ پڙهيو هئم. ياد نٿو اچيم ته ڪٿ پڙهيو هوم. جنهن ۾ لکيل هو. هڪ زماني ۾ عورت ۽ مرد گڏيل هئا. پوءِ کين جدا ڪيو ويو. ان زماني کان وٺي هر مرد ۽ عورت پنهنجي پنهنجي اڌ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. مان ڀٽڪندو رهيو آهيان پر توسان ملي ڀانيو اٿم منهنجو گم ٿي ويل اڌ تون آهين. ڇو ته تنهنجي محسوس ڪرڻ جي سگهه ۽ سوچڻ جو انداز مون جهڙو آهي. يا منهنجي محسوس ڪرڻ جي سگهه ۽ سوچڻ جو انداز تو جهڙو. ها سچ ٻڌ منهنجو گم ٿي ويل اڌ تون آهين. جنهن کي صدين کان سالن ڪالن کان ڳوليندو پئي آيم. آخر تون ملي ٺي وئين. (هو پنهن جهلي لفظ ڳولڻ ٿو لڳي ڪن پل لاءِ).

ان ڏينهن جڏهن تون منهنجي پرپٺ آئي هئين ۽ ساجن کان منهنجو پڇيو هيئي. تنهن شام تنهنجي وڃڻ بعد مان ساري شهر جا رستا رلي جڏهن ٿڪائو ٽٽائو گهر آيم ۽ دال سان ماني پئي کائيم ته امان چيو: ”ابا اڄ روپ آئي هئي“ گرهه نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو. دل تي

جڏهن ڪنهن وڏاڻ وسائي ڪيو هو. مان ’ڪٿي هيم؟!‘
سوچيم. ’ڇو ٻاهر رلڻ ويم!‘ گلاس پاڻيءَ جو ٻي اڪيل
گرهه ڳڙڪائي ڇڏيم ته ساجن ٻي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽
ڪرسيءَ تي ويهاريندي چيائين: ”روپ آئي هئي“ مان
ڳالهايان ٿي تنهن کان اڳ ساجن چيو: ”تنهنجو ٻي
پڇيائين.“

مون ابهرائيءَ مان پڇيو: ”ڇا!؟“

”اهو ٿي ته اشوڪ مون لاءِ ڇا چوندو آهي؟!“

”پوءِ، پوءِ تو ڇا چيس؟“ ساجن چيو: ”اشوڪ
چوندو آهي روپ ڏاڍي ٻولڙ آهي.“

”ٻيو“ مون پڇيو!

”ٻيو اهو ته!“ ساجن چوندي چپ ٿي ويو: مون
پريشانيءَ مان چيو: ”ڇا اهو ته.....!“

”اهو ته، اشوڪ چوندو آهي روپ بيحد پياري ۽
سوئيٽ آهي.“

مون اطمينان جو ساهه کنيو ۽ ساجن کان پڇيم:
”پوءِ روپ ڇا چيو.“

ساجن ٻڌايو ته: ”روپ منهنجي ڳالهه ٻڌي کلي پئي
۽ کلندي چيائين هل ڪوڙا.“

تڏهن مونکي ائين لڳو هو ڄڻ تون مرڪي مونکي
چوندي هجين، هل ڪوڙا. ان ڏينهن پڪ ٿي وئي هئم
ته You Love me ان رات مان ڏاڍو خوش هوس، ايترو
جو، دل چاهيو هو تنهنجي گهر جو دروازو کڙڪائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توکي ٻاهر ڪڏي تنهنجي ڇپاهه ۾ ٻانهون ڦيري شهر جي رستن مٿان ڊانس ڪرياڻ. (مون ڇهو آهي نه، نه اسان لاءِ ڪنهن ڇوڪريءَ جي مرڪ ڪائنات جي هر خوشيءَ کان اتم آهي) تنهنجي گهر تائين آيو به هئس پر پوءِ، واپس موٽي ويو هئس. ڇو ته، هت اهو سڀڪجهه جيڪڏهن ناممڪن نه ته اوکو ضرور آهي.

تنهن ڏينهن کان وٺي منهنجو انتظار ۽ توکي ڏسڻ جي ڪامنا وڏيڪ گهري ٿي وئي آهي. مان راتيون وڏيڪ آرام سان جاڳي گذاري رهيو آهيان. پر تون آهين جا املهه ٿيندي وڃين. آهين به نه....ان ۾ ڪهڙو شڪ؟.... ....مان به ته املهه آهيان نه....! املهه انسانن جا اڏ به املهه ٿيندا آهن ڪيئن؟——

ڏکهو ساهه کڻي پٽ تي ٽيڪ ڏئي ٿو ڇڏي. ڪليل نلڪن مان پهريان هوا جي شرڙاٽن جا آواز پوءِ پاڻي وهڻ جو گوڙ ٿئي ٿو. ڪوهيڙي جي ڏنڌ ۾ ويڙهيل آڏان جو آواز....ڪا رڪشا ڦرڙاٽ ڪندي مين روڊ تان لنگهي ٿي ۽ پوءِ ڪنهن ٽانگي ۾ جوٽيل گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز.

هن جون اکيون پوٽيون ٿيون وڃن، هٿ مان پين کسڪي وڃي ٿي. سنڌس اڌ لکيل خط سنڌس هستيءَ وانگر اڌوگابرو ٿي رهجيو وڃي.

ٻاهر شور وڌي رهيو آهي؛ ڪارن موٽرن، رڪشائن


Scanned with CamScanner

جي ڦيٿن مان نڪتل برڪن جو، گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ
جو، ماڻهن جي ڳالهائڻ جو، هوڪن جو! آواز....ڇوڏس
ڦهلجندڙ هرقسم جا ۽ انهن آوازن وچ ۾ هو بي پرواهه
بند اکين ۾ سنهرا سپنا ۽ ڇپن تـي سايا جي مرڪ
کنيو اگهور ننڊ ستل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڏلي

ڪوٽ کان سڏ پنڌ جيترو پري ٻيرن جي قطار هيٺان، وهندڙ واهه جي ڪپ تي ڪجهه دير اڳ هو ٻئي ٻلورن راند ڪيڏي رهيا هئا. ٻريان سندس ٻڪرين جو ڌڻ هينئر به ساڳيءَ طرح چري رهيو هو. پر هن وقت هو ٻئي اڳ جيان راند نه پئي رهيا، پر هڪٻئي جي ڳچڙن ۾ هٿ شڪنجن جيان ڦاسائي ڳهي ويندڙ انداز ۾ هڪٻئي ڏانهن پئي گهوريائون. ڪجهه پلڪون اڳ جڏهن ميٺ محبت سان راند پئي رهيا تڏهن هڪ جي نگاهه ڪپ تي هڪ گول چلڪندڙ پاڏلي مٿان پئي هئي ۽ هن اوچتو رڙ ڪري چيو هو: ”اڙي ملوڪ، اهو ڪپ تي ڇا پيو چلڪي؟“ ملوڪ به ڪپ تي پيل پاڏلي ڏانهن ڏٺو ۽ ان کان اڳ جو ٻڌائيندڙ نينگر ڊوڙي، هن پهرين ڊوڙ وڌي هئي، پوءِ پٺيان هو به ڊوڙيو هئس. ملوڪ وڏا ڇال ڀريندي وڃي پاڏلي کنئي هئي. هن وقت پاڏلي سندن جهيڙ جو ڪارڻ بڻي هئي. ”ملوڪ ڏس ڏي يار.“ ٻئي ڇوڪر اتاولائي منجهان ملوڪ جي ڳچڙ ۾ هٿ وجهندي چيس. ”ڳچڙ مان هٿ ڪڍ چوانءِ ٿو غلامون!“ ملوڪ بخيلي وچان غلامون کان ڳچڙ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”نه، اڳ ۾ پاڏلي هٿ تريءَ تي رک. ڏٺي به ته مون هئي نه.“ غلامون هٿ جي پٺيءَ

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽڏن ٽي ويٺل زائفون. پرڀان جانڊهه جي پڙ ۾ ايپون ٽهل ڪٽن پوڻان پاڻي هارجڻ جو ۽ ڳوٺ جي ملان دين محمد جو آواز پئي آيو جيڪو وڏي آواز ڪلمان پڙهي رهيو هو. پاسيرين ڪٽن جي هيٺان وهندڙ پاڻي مٺائي ڳاڙهو هو.

پئي ڏينهن ٻاهر وڻن جي ڇانءَ ۾ آس پاس جا مڙد ماڻهو ٽڏن ٽي ويٺل هئا. ملوڪ پنهنجي پاءُ حڪن جو آواز ٻڌو جيڪو ڪنهن کي چئي رهيو هو: "پوليس ۾ فرياد داخل نه ڪندس. مڙس ماريو اٿن مڙس ماريندوسان. ٻارنهن سالن کان پوءِ يا ويهن سالن کان پوءِ. ڪاڏي ويندا؟" ملوڪ پنهنجي پاءُ کي ڏٺو جنهن جي مٿي ۽ ٻانهن ٽي پٽس صديق جي پٽڪي مان ڦاڙيل ريڙون ٻڌل هيون. هن کان هڪ ٽڏو ساهه نڪري ويو ۽ ڪنڌ نوائي وک وک ڪٽندو هلڻ لڳو. هلندي پيچري جي پرينءَ پڪ ۾ پـرهه جيڏين لٽين ۾ ڳم ٽي ويو. اندر ٽي ملوڪ ڪيسي ۾ هٿ وجهي پاڻلي ٻاهر ڪڍي ۽ آهستي آهستي مٺ کولڻ لڳو جڏهن سڄي مٺ کولي نريءَ ٽي پهل پاڻلي جي مٺاڇري ٽي نگاهه وڌائين ٽـه ٽاڪ ٽي لڳي ويس. ڪنن ٽي ٽاڙيون چڙهي ويس ۽ ڦاٽل ٽارا پاڻلي جي ڇڇريل مٺاڇري ٽي ڪپي ويس.

# ڏرڪجڻي

هن آخري پيرو ڪڙي ڇڙهيل در ڏانهن ڏٺو. فقط هڪ لحظي لاءِ.

ان هڪ لحظي ۾ ڇڻ هن در پاهران وراندي ۾ ستل اڏڙوٽ عمر جي ماءُ کان آخري دفعو موڪلايو ۽ ماءُ جي پير ۾ اگهور ننڊ ستل راحول (بابا) کان سندس پشم ڳل تان آخري پيرو پڻي ڪري موڪلايو. اها پنهنجي جاءِ تي حقيقت به هئي ته ڪيس سموري گهر مان راحول (بابا) سان ئي بي انتها پيار هو). انهيءَ هڪ لحظي واري نهار ۾، جنهن ۾ ڪوبه ڏڪ ڏورايو نه هو، ڪابه ندامت نه هئي. تنهن سان هن اڳئي ۾ ويٺل ڪنهن ڇولي ڪي پيوند هٿندڙ پنهنجي سدوري پيڻ ڪان موڪلايو، جيڪا گهٽو ڪري ڇپن ئي ڇپن ۾ سندس شاديءَ جا ڪيچ ڳائيندي ڳائيندي وچائجي ويندي هئي.

هو اڄ تائين اهو ڇائي نه سگهيو هو ته اهي ڪيچ هوءَ سندس لاءِ ڳائيندي هئي يا-؟

انهيءَ هڪ لحظي واري نهار ۾ ڇڻ هن گهر جو پاهريون در ٽپي پنهنجن سمورن دوستن/دشمنن کان موڪلائي ڇڏيو.

پوءِ واڏڻ جو آخري وڪڙ به کولي ڇڏيائين.

هو واڏڻ هٿ ۾ جهلي سوئچ بورڊ ڏانهن وڌيو، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏ ۾ ئي ڪجهه سوچي بيهي رهيو:
’ڇا ڪبو بلب ڀاري‘؟!!
هن ڪيترائي ڀيرا ساڳيو جملو منٽ جي چوٿين حصي ۾ ذهن ۾ ورجايو:
’واقعي، واقعي، واقعي‘
’ڇا ڪبو بلب ڀاري‘؟!!!
’سوئچ آن ڪري؟ جڏهن ته سيڪجهه فيوز ٿي چڪو آهي / جي فيوز نه به ٿيو آهي ته اينڊڙ ڪنهن به پل ۾........‘
هو ڏاڍي نارمل انداز ۾ هلڪي اونداهي ڪمري جي وچ تي رکيل اسٽول ڏانهن وڌيو.
اسٽول تي چڙهي بيهي رهيو سندس هڪ هٿ ۾ واڌُ جهليل هئي. بيهڻ مهل اسٽول هلڪو ڏڏڪو کاڌو هن جا هٿ لاشعوري طور ڇت ۾ ٽنگيل (هڪ) ڏانهن وڌي ويا ۽ هو ڪرندي بچي ويو.
هن سوچيو:
’مون کي اسٽول جي ڪُٽل ٽنگ کي هلڪي سپورٽ ڏيڻ گهرجي....‘
ٻيءَ گهڙيءَ کيس پنهنجي سوچ جي پٺ ۾ لڪل ڊپ جو احساس ٿيو ۽ ٿهڪ ڏيڻ بجاءِ مرڪي پيو. پوءِ مرڪ سندس چپن جي ڪنڊن تي ڦٿڙاٽي آلوپ ٿي وئي.
’سپورٽ، سپورٽ. جڏهن مرڻ ئي مقصد هجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ سپورٽ ڇاجي؟‘ مان به ته بابا جي مرڻ کان پوءِ چاهڻ جي باوجود به ڪنهن جي سپورٽ نه بڻجي سگهيس.

ماما ۽ مامي به ته گڏ رهندي اسان کي ڪا سپورٽ ڏئي نه سگهيا. جڏهن ته پنهنجي ٽرڊ ڪلاس ۾ انٽرپاس پاڻ کي سورهين گريڊ جي آفيسري وٺرائڻي ڏنائين. مان جيڪو بي-اي اليڪٽرانڪس ۾ ڪيل آهيان.... ’ماما آنيسٽ فقط اسان جي لاءِ آهي. پنهنجي زال جي پاڻ لاءِ نه.‘ هن جي نهائين مان هڪ ڏکيو گرم ساهه اڇلون ڪاڻيندو ڪمري جي ڪوهه ۾ گم ٿي ويو.

’جڏهن مفلسيءَ جو پٿر هٽ ڪنهن جي سر مٿان ڇانئري جمان پڪڙجي ويندو آهي، تڏهن سڀ رشتا سڀ ناتا ٽي/وي جي آخري پروگرام کان پوءِ لهرائيندڙ جهنڊي جيان ٿي ٿي پوندا آهن. نه ڪي ڪلاڪ اڌ جو رشتن جي تاڃي پيٽي ۾ جڙيل ڪو نصيحت ڀريو ناٽڪ‘.

ڦهريون پيرو شدت سان محسوس ٿيس ته سندس پيءُ مرڻ ۾ بيحد تڪڙ کان ڪم ورتو هو.

’بابا کي گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا اڃا جيئڻ کپندو هو، هاڻ ڪوبه ته پنهنجو نه رهيو آهي؟ بابا جي مري وڃڻ کان پوءِ ڇڻ سڀ رشتا سڀ سڃاڻپون مري ٺري آنرجي ويون.......!‘

کيس محسوس ٿيو ڇڻ چار مهينا اڳ هن جو گهر ڪو ڊفينس سوسائٽيءَ جو بنگلو هو، ۽ اڄ ڇڻ ٽر جي پيٽ سان ڇهٽيل ڪو ڪمزور ڇوڻٽرو. فقط سندن گهر

جو حصو ۽ هن جي ٻئي ڀاسي وارو حصو؟ جنهن ۾ سندن مامو ۽ مامي رهندا هئا. سو ته اڄ به ڊفينس سوسائٽي جو بنگلو ئي هو، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر آسائش حاضر هئي.

هن کي ياد آئي مامي، جيڪا ڪجهه ڏينهن تيندا پنهنجي ڪمري مان نڪري هن ڏانهن آئي هئي. رڳو ڇهن وکن جو فاصلو اورانگهي، سندس هٿ ۾ ڪاڙهو نوٽ هو.

”هاڻ وٺ هيءَ سؤ رپيا پٽ، هاڻ نه مان توهان جي غريبي وڌيڪ ڏسي نه ٿي سگهان. اڳتي هميشه مان توهان کي سؤ رپيا ڏيندي رهنديس.“

ان وقت سندس من چاهيو هو هڪ ٻيانڪ ٺهڪ ڏئي، پر هن رڳو ايترو چوندي انڪار ڪيو هو!

”ها مامي اسان غريب ضرور آهيون، پر فقير بلڪل ناهيون. خدا توهان کي وڌيڪ توفيق عطا فرمائي، ته جيئن توهان پنهنجي اميريءَ جي ساک وڌيڪ سٺي طرح قائم رکي سگهو.“

ان ڏينهن کان پوءِ هن نوڪريءَ وٺڻ لاءِ پنهنجي رفتار وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي هئي، پر هن نه ڄاتو هو ته رفتار تيز ڪرڻ سان نوڪريون ناهن ملنديون. (نوڪريون ته سفارش جي بي انتها تيز رفتار ڦيٿي سان ٻڌل هيون جنهن کي رسڻ سندس وس ۾ نه هو.)

”مان ٿڪجي پيو آهيان — مان ٿڪجي پيو آهيان

انٽرويوز ڏئي ڏئي‘

هن سرڪل ڦاهي پنهنجي ڳلي ۾ وجهي ڇڏي سرڪل ڦاهي ڳلي ۾ وجهندي هن کي پنهنجي سنڌي هجڻ تي بيحد افسوس ٿيڻ لڳو!

ڪيس اهڙي قسم جو افسوس هر انٽرويو ڏيڻ کان پوءِ آفيس کان ٽڙندڙ وڪن سان نڪري فٽ پاٿ تي اچي اڪثر ٿيو هو!

پوءِ هن کي لڳو هو ڄڻ هو ڪو ’شودر‘ هو ۽ شهر جا سڀ رستا ڄڻ ته ’آرين‘ لاءِ ٺاهيا ويا هئا!

اڪثر انٽرويو ڏيڻ کان پوءِ فوٽ پاٿ تي بيهي اندر جي اونهائين مان چاهيو هئائين:

”جيڪر هو ڪو ٻيو هجي ها پر....“

هن آخري پهرو بند ڪمري جي ڪوهه ۾ زندگيءَ سان ٺمٺار هڪ مضبوط ٺهڪ ڏيڻ چاهيو. پنهنجين سمورين ناڪامين ۽ مايوسين کي وساري پوءِ هن وات کولي ٺهڪ ڏنو زور سان/ڪجهه وڏيڪ زور آور/۽ ڪجهه وڏيڪ پر هن کي حيرت ٿي. هر طرف ڪمري جي اونهين اوُ اونداهي کوهه ۾ ڳرا ڳرا سڏڪا هٿوراڙيون ڏئي پڌي ويا هئا!

پنهنجي اکين کي هٿ لائي ڏٺائين جت ڪوبه لڙڪ لڙڪيل نه هو! ڪوبه ڇپر آلو نه هو/هن آخري پيرو هڪ وڏي اگهاڙي گار ڏيڻ چاهي ڪاڪڙو ڦاڙي، سموري سگهه سان. (ڪنهن بي نانءُ شخص کي) هن گار ڏيڻ

soorthsindhiadab


Scanned with CamScanner

لاءِ اڪيون ٻوٽي مٺيون ڀيڪوڙي وات ڪوليو ۽ سندس وات ڪليل ئي رهجي ويو اکيون ٻوٽيل ئي رهجي ويون هٿ ٻڌل ئي رهجي ويا.

ان ويل هن ڪي پنهنجي مظلوميت مٿان ڪل اچي وئي. ۽ هو ڪلڻ لڳو:

”اوهو اوهو اونهوءَ اونهوءَ“ اها ڪـل ته نه هئي ڪنهن بيچين روح جا سڏڪا هئا جنهن کي گمنام ڏوهه جي سزا ۾ هزارين سال اڳ اڏ ڪٺل ڇڏيو ويو هو، هن ئي ڪمري ۾!

هن کي لڳو ڄڻ هي ڪمرو نه بلڪ ڪو ڪوس گهر هو. ڪو ڦاهي گهاٽ هو.

’ها سچ به جت مفلسيءَ جون ڪچهون آڪيرا ٺاهي ڇڏينديون آهن اهو گهر نه پر ڪوس گهر هوندو آهي! جت هر گهڙي هر پـل هر خواهش ڪٺي ويندي آهي. ڇڪيا چاڙهي ويندي آهي!“

اوچتو کيس هڪ خيال آيو:

”منهنجي مٺي پيارا هي گهر ڪيئن هوندو؟!“

’جيئن منهنجي جيئري هوندو رهيو آهي‘

’بلڪ مون کي پڪ آهي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ هي گهر وڌيڪ سٺي نموني هلندو. هـونءَ به بابا جي مرڻ کان پوءِ مون گهڻو ڪجهه محسوس ڪيو آهي، گهٽيءَ مان لنگهندي. ها واقعي سدوري آهي به ته مڪمل ڇوڪري،

جيئن سرڻهن پنهنجن جوڙن ۾، صبح جي پهرئين پهر ۾ ڪئين ميل پري تائين پنهنجي مهڪار ڦهلائي ڇڏيندو آهي. مون کي خبر آهي ته......"

'ڇا بڪواس آهي.'

'مون کي هن وقت تائين مري وڃڻ کپندو هو. آخر اهو سڀ واهيات پڻو مون هن وقت تائين سوچيو ئي ڇالاــ؟

لعنت آهي مون تي! مون کــي بنا ڪجهه سوچڻ جي مري وڃڻ کپندو آهي. منهنجو ڇا ڪنهن جي معاملن ۾. اهي سڀ نه مرڻ جا بهانا آهن/۽ جڏهن مان مري ويندس؟ ڪنهن تي به نه احسان نه ڪندس! ۽ اڄ جڏهن مان مري ويندس ته ڇئين مهينن پڄاڻا ڪجهه ســاعتن کان پوءِ منهنجي وجود کي به لاڏــو ويندو ۽ ڪيڏيو ويندو هن ئي ڪمري مان پيءُ جيان پوءِ....

هو سوچي ڪن لاءِ ڏڪي ويــو ســندس اکين اڳيان پيءُ جي موت جو ڏيک اڀري آيو.

پوءــ؟

پوءــ؟ پوءِ منهنجي سدوري پٺ جــا سڀ لڙڪ سڪي ويندا رهجي ويندڙون خــالي رڙيون خشڪ ڳلي مان، ڦتڙي ڦتڙي نڪتل ۽ ڪلرائجي ويندا سڪي وڃل ڳوڙهن سان ڳل.

۽ منهنجي امڙ پنهنجا سنهڙا چپ هڪ ٻئي مٿان ٻيڪوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو نہ هميشه اسڪول جي خالي اڱڻ ۾ منهنجي اچڻ
جو انتظار ڪندو آهي ۽ جڏهن مان ويندو آهيان تڏهن
ڪاٺ جي بينچ تان جمپ ڏئي ٻتڪڙين لنگهن سان
ڊوڙون پائيندو آهي مون ڏانهن ۽ ٻڪ پائي مون کي
جاچڻ لڳندو آهي ڪيئن ۾ ڏاڍيون/منهنجي مرڻ کان پوءِ
هو ڪنهن سان لڪ لڪوٽي کيڏندو؟! ڪنهن سان پيار
ڪندو؟! ڪنهن کان ڏاڍيون گهرندو؟؟ ڪير مون کان
وڌ ڪير چاهيندو؟!!؟ هو نہ

مون کي مرڻ گهرجي!......... نہ مون کي جيئڻ
گهرجي! پنهنجي راحول بابا لاءِ! هن جي سک ۽ پيار
لاءِ/مان ٻچي ويو آهيان-!

’ٽيڪ آهي مان بزدل ٿي سهي جيئندس، مان جيئندس
هڪ نئين ساهس سان گهر جي پاڻين.......

اوچتو سندس بند ڪمري جو در کڙڪيو ۽ هن
کان ڇرڪ نڪري ويس.

”پاڻو- پاڻو در کول“

راحول جو آواز ٻڌي هن نڪڙ ۾ لهڻ چاهيو اسٽول
ڀريون آهستي ٽڙڪيو پوءِ ٿورو زور سان هن ٻيلنس
ڪرڻ چاهيو پر سندس پير ڪنٽل ٽنگ واري اسٽول تان
ٽڙڪي ويا ۽ هو هوا ۾ ٿي لڏندو رهجي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمين ۾ کوڙيندو هيٺ لهندو. ڪاميٽي منهنجي پويان جهولندي ٿي آئي مان ڪاريڊور جي ٿلهه ڪي ٽيڪ ڏئي ڪلهي تان ڪيمرا لاهي هيٺ رکي ڇڏي ۽ پري کان نظر اينڊرز پل ڏانهن ڏسڻ لڳس. ڪاميٽي ڪا مهل منهنجي پرسان بيٺي رهي پوءِ چيائين: "ڇا تو ڏسڻ فوٽوگرافر" مان چپ چاپ پورلارن ۾ ڏسندو رهيس سڀ منظر اندا پاسي لڳا هاڻ "ڪمال صاحب اج دفتر بند آهي"، چوڪيدار چيو. "ڇو بند آهي" ڪاميٽي پڇيو: "جي-جي-جي ميڊم ساروپا جو انتقال" چوڪيدار وڌيڪ ڇئي نه سگهيو اڳيون اڳهندو هليو ويو.

ڪاميٽي کان رڙ نڪري وئي. "ڪمال، ساروپا—؟؟

مان چپ چاپ ٻاهر ڏسندو رهيس. ڪاميٽي منهنجي ڪلهي کان ڏوڙيو "پڌاءِ نه فوٽوگرافر؟" مون پاڻهن ۾ مک لڪائي ڇڏي، چيم: "ڪاميٽي اسانجي ۽ پل وچ ۾ جيڪو خلا هيو. جيڪو اسپيس هيو تنهن ۾ جو ڪجهه هيو، سو سڀ اج بلاسٽ ٿي ويو آهي. ختم ٿي ويو آهي- سڀ ڪجهه، سڀ ڪجهه." شايد روئي رهيو هئس.

۽ جڏهن مک کڻي ڏٺم، پريان ڪاميٽي چرس جي سگريٽ جا ڪش هڻي رهي هئي، سندس چپ ٿڙڪيا ٿي هن پنهنجن اکين مٿان ٽريون وڇائي ڇڏيون هيون ۽ ڳوڙها ترين جي ڇپن مان ڦڙو ڦڙو ڪري رهيا هئس.

———

# رابيل پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- منهنجو ساگر منهنجو ساحل (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ٢- ڪوهيڙي ۾ ورتل پادون ڪهاڻيون | محمود مغل |
| ٣- جانورن جون ڪهاڻيون | ظفر حسن |
| ٤- ڏتل ڏتل ۽ ڏهندڙ پاڇولا | مشتاق شورو |
| ٥- گهايل گهايل سپنا سپنا | هدايت پريم |
| ٦- نه ڪر هار سينگار سکي | عبدالجبار جاڻيجو |
| ٧- ديس ديس جون ڪهاڻيون | — |
| ٨- سنڌي ڪهاڻيون | — |
| ٩- نڪور ڪهاڻيون | — |
| ١٠- پٿر جهڙا انسان | نظام عباسي |
| ١١- هتان ڪان هاليووڊ (سفرنامو) | امام بخش ملاڻو |
| ١٢- هو جي مٺا ماڳ ۾ (ناول) | مددعلي سنڌي |
| ١٣- ڪهاڻيڪار ۽ ڪهاڻيون | — |
| (حصو ١، ٢، ٣، ٤) | — |
| ١٤- شاعر ۽ شاعري | — |
| ١٥- ؟ (شاعري) | تاجل بيوس |

رابيل پبليڪيشن پوسٽ باڪس ٦١، لاڙڪاڻو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رابيل پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١- ٻل تي ويٺل هڪ نوجوان | ڪيهر شوڪت | -/١ |
| ٢- سمونڊ جي ساٿيءَ | الطاف شيخ | [illegible] |
| ٣- بندر ديسان ڏيهه | ” ” | ٨/ |
| ٤- دنيا ڪاڪ محل | ” ” | -/٣ |
| ٥- شرارتي ٻار | ڪهاڻيون | -/٢ |
| ٦- سرنهه جو پيلو گل | ” | -/٦ |
| ٧- من جي پاتالن مان | ” | -/٥ |
| ٨- تتل سپنا | ” | -/٥ |
| ٩- ٻهار جو ڇهاءُ | نظام عباسي | -/٥ |
| ١٠- انا ميڪا | الطاف شيخ | -/٥ |
| ١١- گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس | شوڪت شورو | -/١٠ |
| ١٢- رات سانت سوچون | طارق عالم | -/٧ |

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# محبتا



توهان تنهنجيون ڪهاڻيون اينديون وقت
جون مهان ڪهاڻيون آهن. توهان هاريل
ڇتاري نه، وڪاٽل اديب نه پر اڄ جي
حالتن سان سر ٽڪرائيندڙ ليکڪ آهين
آءٌ ترقي پسندي جي ويهين ۾ هزار رڪعت
پسند ليکڪن کان هيان جيڪا پاڻ کان سوا
هر ڪنهن تي ڌڪار ڪري رد ڪري. آءٌ
پنهنجي ذات کي محبتايو
ڪان اڪيلو هانجي ذات
۾ سچائي جو اعتراف
ڪندس. آءٌ ڪڏهن
ڪو نه ڳالهائيندس. اها حقيقت
آهي ته تنهنجي سچائي منهنجي
سچائي تي ڀاري آهي.
تو جيڪي ڪجهه پڙهيو آهي سو لکيو آهي
۽ مون ڪڏهن پاڻ کي رهو ناهي پڙهيو
جيڪي ڪجهه لکيو آهي.
(ذاتي خط مان)

نور الهدى شاهه


Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦھلاءُ کي وسيع ڪرڻ آھي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان ھلڻ جو سانباھو آھي، ڇو تہ تاريخ ھميشہ انھن قومن جو احترام ڪيو آھي جن پنھنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آھي. سنڌ سلامت پڻ پنھنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنھنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، ھنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پھچائڻ جو عزم ڪيو آھي.

اسان جي خواھش ھئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل ھڪ اھڙو ڪتاب گھر قائم ڪجي جتي ھر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ھُجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان ھجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت ھر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙھي سگھجي.

۽ اھو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گھر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگھيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گھر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گھر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنھنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گھر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي ھن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book